1. ڊاڪٽر رقيہ عامر سومرو
2. ڊاڪٽر الهوسايو سومرو

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ انساني ڪوتاهين جو ذڪر- هڪ اڀياس

# A Study of the Human Disability in the Poetry of Shah Abdul Latif

**_Abstract:_**
*Shah Abdul Latif Bhitai was not only a poet, philosopher and also a social reformer and thinker. He teaches the human to be devoted and explains the human's every aspect of the life. He explains in deeply the virtues of the human in religiously, politically, socially and economiecal way.There are many good virtues in the human being as well as vices for that as they become able to be hatred and disgrace. Latif awares and guides the mankind by rnatching the disability in the human society.The vices Latif observes in the person are laziness, greediness, hatred, ignorance, jelousy, proid, unbearness etc.These are the such disabilities which make a person useless and human is degraded from his achcal position. Latif aducates on the internatirad level about the vices and virbus of human being by training the civilized person. Latif gives the philosophy for building a new human society. Good virtues are the identifications of the country, a nation and society for that people can built a healthy society.*

دنيا ۾ جتي انسان ۾ سٺا گڻ ۽ خوبيون موجود هونديون آهن، اتي خراب عادتون، خاميون، ڪوتاهيون ۽ ڪمزورين جو هجڻ بہ هڪ اڻ ٽر ڳالهہ آهي. شاهہ لطيف پنهنجي بيتن ڪي آيتون سڏي ٿو. اهڙو ذڪر هيٺئين بيت ۾ بيان ڪندي چئي ٿو:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهِين،
نِيو مَنُ لائِين، پِرِيان سندي پار ڏي.

(شاهواڻي، غلام محمد *شاهہ جو رسالو*: *سر سهڻي*،داستان6،بيت25. 2005ع، ص 252)

---

1. اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج، سکر.
2. ايسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور.

عبدالستاربلوچ جي سنڌي لغت ۾"آيتون" لفظ جي معنیٰ هن طرح بيان ٿيل آهي:

"آيات: ث (ع:آيت جو جمع) آيتون (قرآن شريف جون) نشانيون، (فطرت جون".(1).

انهن بيتن يا آيتن ۾ عقل وارن لاءِ نشانيون ۽ سبق سمايل آهن.

شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ انسان جي ڪوتاهين جو ذڪر ۽ بيان ڪيو آهي. هن مقالي ۾ انهن نشانين کي مختصر طورهيٺ بيان ڪجي ٿو.

## غفلت واري ننڊ:

غفلت، جو ضد، سجاڳي، چستي ۽ بيداري آهي. غفلت انساني ڪوتاهي ۽ هڪ وڏي انساني ڪمزوري آهي. جنهن ڪري شاهه لطيف غافل ۽ ڪاهل انسان کي هرگزپسند نٿو ڪري ۽ هرانسان کي سدائين سجاڳ ڏسڻ چاهي پيو. دنيا جي تاريخ تي نظر ڪبي ته معلوم ٿيندو ته غافل، سست ۽ ڪاهل قومون هميشه دشمن جي نظر ۽ تاڙ ۾ هونديون آهن. گهڻو ڪري ان جو انجام غلامي ۽ محڪومي ٻڌجي ٿو. ان لاءِ شاهه لطيف فرمايو آهي ته:

غافِل! غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن اٿاسِي اوجهرين؟
ڇپاتان چڙهِي وِيا، وجي پُڇتا توڙ،
نيٺين نِنڊ نکوڙ، جم ورن ۾ واڪا ڪرين.

(شاهواڻي، غلامحمد. شاهه جورسالو: سرڪوهياري، داستان 1، بيت5. 2005ع، ص 413)

شاهه لطيف وٽ ننڊ اوگڻ ۽ ڪوتاهي آهي. جيڪي سويل ئي سمهي رهن اهي پنهون يعني پنهنجي مقصد کي ڪيئن حاصل ڪري سگهندا؟.

سُتينءَ سنجهي ئي، منهن ويڙهي مُئن جيئن،
اوجاڳو اکين کي، ڄاتوءِ نه ڏيئي،
هٿان تو پيئي، ٿي ڪڇو ڪيچين کي ڪرين!.

(شاهواڻي، غلامحمد. شاهه جورسالو:سرڪوهياري، داستان 1، بيت 12. 2005ع،ص 414)

شاهه لطيف سسئيءَ سان مخاطب ٿي ان جي پنهنجي ڪوتاهيءَ جي نشاندهي ڪرائي ٿو سوير ئي سمهي پاڻ پئين، اکين تي رات ڇونه ڪاٽيئه؟ تون پاڻ سان پاڻ ڪيئي، ڪيچين تي ڪهڙو ٿي ڏوهه ڏين؟. انسان غلطي پاڻ ڪندو آهي ۽ ڏوهه ٻئي تي ڏيندو آهي.

شاھ لطيف سرسريراڳ جي بيت جي مختلف لفظن کي علامتي انداز سان بيان ڪيو آهي. مثال طور، ڊنگيءَ کي زندگيءَ جي وکر، سجاڳي، جدوجهد ۽ محنت سان، ويرَکي دشمن سان، ننڊ کي غفلت ۽ تارڪي ناڪاميءَ جي علامتي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. اهڙي سجاڳيءَ جي فلسفي کي شاھ لطيف هن طرح سمجهائي ٿو:

دنگيءَ ۾ داڻا، وٺي وجهہ وکر جا،
ويرَ وڙهندءِ ويسرا، وِهہ مَ ويڳاڻا،
هيءَ ننڊ نہ ڄاڻان، ڪڏهن هٽيندءِ تار ۾.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو : سرسريراڳ، داستان 3، بيت 12. 2005ع،ص 169)

شاھ لطيف انسان کي ايندڙ وقت جي حالت کان آگاهي ڏيندي سمجهائي ٿو تہ جيڪڏهن دنگيءَ ۾ داڻا هوندئي تہ اڳتي ڪم ايندئي. اها ننڊ ڪٿي ٻوڙي تباھ نہ ڪري ڇڏئي. وقت ڪڏهن بہ ڪنهن جو انتظار نہ ڪندو آهي. بعد جي پشيمانيءَ کان بهتر آهي تہ انسان وقت تي سجاڳ ٿي، مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ۽ جدوجهد ڪري. هيٺين بيتن ۾ ننڊ جي ڪري ويسرو (معنيٰ ڪاهل) ٿي ويهي رهڻ، انسان جي وڏي ڪوتاهي ۾ شمار ٿئي ٿو. جيڪا شاھ لطيف کي ناپسند آهي. جنهن جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

ستين کهڙيءَ سار، وِڃ ڪونديئي ويسرا!
توجيڏا تو يار، لهرن لهوارا ڪيا،

(شاهواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو: سرسريراڳ، داستان 6، بيت 5. 2005ع،ص 184)

ڪِنوڻ ڪِنوايو، آيئِي نِنڊ اياڳ جي،
جنين نہ پئو پانيو، ڪري توائِي تن کي.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو: سرسريراڳ ، داستان 6، بيت 7. 2005ع،ص 184)

هن بيت ۾ ننڊ کيَ اياڳ يعنيٰ نياڳ سڏي ٿو. اسارا معنيٰ غافل، ويسرو معنيٰ ڪاهل سست آهي. جيڪي انسان ننڊ جهڙي نياڳ کي سنو عمل سمجهن ٿا ۽ وڏائي ڪن ٿا. انهن کي الله پاڪ سبق ضرور ڏئي ٿو. وڏائي فقط هڪ رب جي ذات کي جڳائي. انسان کي هميشہ هوشيار ۽ چست رهڻ گهرجي.

لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي بيتن ۾ غفلت واري ننڊ ۽ سستيءَ کي ترڪ ڪرڻ جون ترڪيبون ۽ طريقا ڏسيل آهن. سستيءَ جي پنجن ئي

سُرن ۾ تہ عام طرح سنڌ جي سماج ۽ سنڌي قوم جي غفلت، سستي ۽ ڪاهلي وارين ڪوتاهين کي علامتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي ۽ ننديو ويو آهي.

"شاهہ لطيف سسئيءَ جي ننڊ کي قوم جي ننڊ سان ڀيٽيو آهي ۽ واضع ڪيو آهي تہ ڌارين جي سازشن کان وقت سر سجاڳ نہ ٿيڻ تي ڌاريا سڀ ڪجهہ لٽي ڦري ويندا. هيئنيان ٻہ بيت نہ رڳو ان وقت، پر اڄ جي حالتن ۾ بہ عام ماڻهن جي لاءِ هڪ سبق ۽ حقيقت ۾ نصيحت پڻ سمايل آهي"(2).

## لالچ:

لالچ هڪ اهڙو اوگڻ آهي جيڪو گهڻو ڪري انسان جي مادي گهرجن منجهان جنم وٺي ٿو. ان لاءِ ماڻهو جائز ۽ ناجائز جو سنڌو بہ ختم ڪري ڇڏي ٿو. جنهن سماج ۾ لوڀ ۽ لالچ هڪ سماجي قدر بڻجي اڀرندو آهي. اتي انسانيت، محبت ۽ رشتا ناتا بہ پائمال ٿي ويندا آهن. شاهہ لطيف سر معذوريءَ جي هن بيت ۾ لوڀ ۽ لالچ ڇڏڻ لاءِ انسان کي سمجهائي ٿو تہ:

سڀ ننگيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏي لوڀ،
سُپريان سين سوڀ، ننڊون ڪندي نہ ٿئي.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاهہ جو رسالو: سرمعذوري، داستان 2، بيت 3. 2005ع،ص 349)

سر معذوريءَ جي هن بيت ۾شاهہ لطيف هرانسان کي لالچ واري ڪوتاهي ڇڏڻ لاءِ اجتماعي طور"سڀ ننگيون ٿي نڪرو" واري سجاڳيءَ جو پيغام ڏنو آهي. هن بيت ۾ ننگيون ٿي نڪرڻ کي حرص، هوس ۽ طمع کي ترڪ ڪرڻ واري علامت طوراستعمال ڪيو آهي. جنهن کي شاهہ لطيف اڳتي وڌي، لالچ ڇڏي لوڀ، جي لفظن سان واضع ڪيوآهي.

شاهہ لطيف انسان کي اهو سمجهائڻ گهري ٿو تہ، پنڌ ۽ جستجو کان اڳ حاصلات جي تمنا لوڀ ۽ لالچ جي برابر آهي. شاهہ لطيف سسئيءَ کي ليلا جي لالچ ياد ڏياري ٿو. پراهڃاڻي طور عام انسان سان مخاطب آهي. اهڃاڻي شاعريءَ بابت ڊاڪٽر تنويرعباسي پنهنجي تحقيق ۾لکي ٿو تہ:

"شاهہ لطيف جي شاعري بہ انوکي ذاتي احساس جي اظهار جي اهڃاڻي صورت آهي. جيڪي هن پنهنجي مشاهدن ۽ تجربن مان حاصل ڪيا آهن. "خاص" ۽ "ذاتي" احساس ۽ تجربن کي هو اهڃاڻن ۽ استعارن جي ذريعي بيان ڪري ٿو".(3)

شاهه لطيف جي اها راءِ واضع نظر اچي ٿي تہ جڏهن ماڻهو پنهنجي من اندر، ليلان وانگر مڻيي کي مِٽ ڪري، پنهنجي اصل انسانيت جي شرف کي وساري ويهي ٿو. ان حرص ۽ لالچ کي شاهه لطيف مڻيي جي علامت ۾ اظهاري سجاڳي ڏني آهي. يعني مڻيون اهڃاڻ آهي لالچ ۽ حرص جو. جنهن لاءِ شاهه لطيف چئي ٿو تہ:

وصَل تنهن وِڃائِيو، سِينڌِ سُرمي سِيئَن،
سا ڳُلوڻِي لِيلا جِيئَن، مڻيو جنهن مِٽ ڪيو.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جورسالو: سرمعذوري، داستان 2، بيت 6. 2005ع،ص 349)

اهڙيءَ طرح جڏهن ليلا چنيسر جي سر کي مطالعي هيٺ آڻجي ٿو تڏهن اها ڳالهه واضع نظر اچي ٿي. تڏهن سرليلا چنيسر لالچ ۽ حرص جو داستان محسوس ٿئي ٿو. هن سر ۾ شاهه لطيف ليلا جو مڻيي تي موهجڻ منجهان انسان جي لالچ واريءَ ڳُڻ ۽ ڪوتاهين جي نشاندهي ڪري ٿو.جيئن هن بيت ۾ شاهه لطيف فرمائي ٿو تہ:

مڻيي تي موهِجي، هارِي ڳِچيءَ هارُ،
ڪوڙِيين ڪِيا ڪِيترا، اِنَ هيءَ خو خوارُ،
پِرِي وِيو پَتارُ، آيِئي ڏِنءُ ڏهاڳ جو.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جورسالو : ليلان چنيسر، داستان 1، بيت 6. 2005ع،ص 499)

هڪ ٻئي بيت ۾ شاهه لطيف ان ڪوتاهيءَ جي وضاحت ڪندي فرمائي ٿو تہ:

مڻِيو ناهِ مڻِيو ، جو تُون پسِي هارُ هِرِ ڪيين،
اصل آهي اڳِهين، سندو ڪوڙ ڪٽِيون،
اِنَ گهوڙِن هنئي گهٽِيون ، دوسنِئان دُور ڪِيُون.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جورسالو : ليلان چنيسر ، داستان 1، بيت 8. 2005ع،ص 499)

هن بيت ۾ شاهه لطيف هڪ طالب کي اهو ٻڌائي پيو تہ اهو مڻيون اصل مڻيو نہ هيو جنهن تي هرڪجي پئين. اهو تہ ڪوڙ ڪٽين آهي. جنهن تي هرڪجي چنيسر جهڙو ڪانڌ قربان ڪيئي. هن بيت ۾"اِن گهوڙن هنئي گهٽِيون"، گهوڙن مان مراد وڏي مصيبت جي آهي. جڏهن نادر شاهه 1740ع ۾ سنڌ تي حملو ڪيوتہ هن پاڻ سان گڏ ايترا تہ گهوڙا آندا جوهرطرف کان گهوڙن جون هڪارون ٻڌڻ ۾ ايندون هيون. جنهن پنهنجي ڏاڍ سان سنڌ جي ماڻهن تي وڏو ظلم ڪيو. نادر شاهه جي ظلم ۽ ڏاڍ "جنهن سنڌ جي پوري سماجي ڍانچي

ڪي لوڏي ڇڏيو. هو پاڻ سان ايترا تہ حملي آور وٺي آيو، جو سنڌي ماڻهن جيڏانهن ٿي نظرڪئي تہ گهوڙا ئي گهوڙا نظرٿي آيا. جنهن ڪان پوءِ اهي گهوڙا سنڌي سماج ۾ ظلم جواستعارو بنيا"(4).

جنهن لاءِ شاهہ لطيف چيو تہ"گهوڙن هيون گهٽيون، اٺن هنئي آنءُ". اهڙي ظلم جون گهٽيون ئي گهايل آهن، جن ڪي لالچ پنهنجي پرين يعني مقصد ڪان محروم ڪيو.

## ڪينو ۽ بغض:

سماج ۾ ڪيني ۽ بغض سان پريل ڪوتاهيءَ جهڙي عنصر ۾ عام ماڻهو پريل نظر ايندو. ڪينو ۽ فساد هر ملڪ ۽ هر گهر ۾ ملي ٿو. ان ڪري ان ڪوتاهيءَ جي بابت شاهہ لطيف انسان ڪي هن طرح نصيحت ڪري ٿو.

هو ڇونئي تون م ڇئو، واتان ورائي،
ڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاڻ ۾پائي، وِيوڪِيني وارو ڪِين ڪِين،

(شاهواڻي، غلام محمد. شاهہ جورسالو: سريمن ڪلياڻ، داستان8، بيت 17. 2005ع،ص 126)

شاهہ لطيف انسان جي ڪردار جي تربيت ڪهڙي نہ سهڻي نموني ڪئي آهي. جيڪو ڇئي ٿو، پلي برو لڳي پر موٽ ۾ تون ان ڪي وات سان ڪجهہ بہ نہ ڇئو. اڳرائي ڪندڙ ڪي پشيماني ضرور ٿيندي.

شاهہ لطيف سماج جي هر ماڻهوءَ ڪي نظر ۾ رکي ان جي عمل ۽ ڪردار جو مطالعو ڪيو آهي. شاهہ لطيف جو اهو تجربو آهي تہ ڪنهن بہ انسان ڪيني ۽ بغض مان ڪجهہ بہ نہ پرايو ۽ حاصل ڪيو آهي، جيڪڏهن اهي تڪبر ۽ وڏائيءَ ۾اچي اندر جي ڪيني سان سخت سڱ جهڙا سيٽيل رهندا تہ اهي وڏي مشڪل ۽ نقصان ۾ آهن ۽ اهي جلد تٽي ۽ ختم ٿيو وڃن.

## ساڙ ۽ حسد:

ساڙ ۽ حسد جهڙيون عام ڪوتاهيون انسانن ۾ نظراچن ٿيون. ڇوتہ شاهہ لطيف حسد ۽ ساڙ بدران سماج ۾ امن ۽ محبت، پيار ۽ خلوص چاهيو ٿي. هن پنهنجي آسپاس جڏهن نظر ڪئي تہ ماڻهن منجهان خلوص، اخلاص ۽ محبت جو خاتمو نظر آيس. ماڻهو ماڻهوءَ جو ماس ڪائڻ لاءِ آتو ٿي نظر آيو.

شاھ لطيف ھن بيت ۾ پڻ اھڙو خيال ھن طرح پيش ڪيو آھي تہ:

آدمين اِخلاص، مٽائي مانُو ڪِيو،
ھاڻ ڪائي سيڪو، ماڻھوءَ سندو ماس،
دِلبرَ ھِن دُنيا ۾، وِڃي رَھندو واس،
ٻِيو سڀ لوڪ لِباس، ڪو ھِڪڙِ ھوندو ھيڪڙو.

(شاھواڻي، غلام محمد. شاھ جو رسالو:سربروسنڌي، داستان3، بيت 4. 2005ع،ص 771)

## ڪوڙ:

ڪوڙ، سچ جو ضد آھي، جيڪوپڻ انساني اوڳڻ ۽ ڪوتاھيءَ ۾شمارٿئي ٿو. سماج ۾ ڪوڙ ئي ھر برائيءَ جي پاڙ آھي. جيڪي وڻجارا سون سان مٺ ملائڻ جا عادي آھن ۽ اھي سچن موتين سان ڪوڙا موتي مِلائن ٿا. اھڙن انسانن کي لطيف سجاڳ ٿو ڪري تہ جيڪي سچ جا سوداگر ھوندا آھن، اھي ڪوڙ جو ڪاروبار نہ ڪندا آھن. انھن کي لطيف سمجھائيندي چوي ٿو تہ:

مان پُڇنئي سِپرين، چِٽ ۾ چيتاريج،
ڪِيچ ڪائِي ڪچ ڪي، ڪوڙ م ڪمائيج،
وٽج وِھائيج، سئي سوداگر! سچ جو.

(شاھواڻي، غلام محمد. شاھ جو رسالو: سرسريراڳ، داستان1، بيت 4. 2005ع،ص 154)

ھڪ ٻئي بيت ۾ شاھ لطيف چئي ٿو تہ:

مان پُڇنئي سِپرين، چٽان لاھِ م چوڙ،
ڪيي چڙِ تون قلب مان، ماري ڪوڙو ڪوڙ،
ھن ٻيڙ سندو ھوڙ، مٿان تو معاف ٿِئي.

(شاھواڻي، غلام محمد. شاھ جو رسالو: سرسريراڳ ، داستان1،بيت 5. 2005ع،ص 154)

شاھ لطيف عام انسان سان مخاطب ٿيندي اھو سمجھائي ٿو تہ اي طالب مٿان پرين يعني الله پاڪ جي ياد ۽ ذڪر کان غافل رھين، پنھنجي دل ۾ جيڪا ڪوٽ ٿئي سا ڪوري ڪيي ڇڏ دل کي سچائيءَ سان صاف ڪر تہ آخرت ۾ مٿان معافي ملي وڃئي. ڪوڙ انسان جي ھڪ وڏي ڪوتاھي آھي جيڪا ھر جڳھ تي ان کي شرمسار ڪري سندس اھميت ۽ قدر گھٽائي ڇڏي ٿي. ان ڪري شاھ لطيف ڪوڙ کي پسند نہ ٿو ڪري جنھن لاءِ ھن بيت ۾ چئي ٿو تہ:

ڪچ ڪمايو ڪوڙ، ڀڳو عھد الله جا،
ٻيجرو جو پاڻ جو، چوٽيءَ تائين ڇوڙ،
معلوم اٿيئي موڙ، ڳُوڙھا اِنھينءَ ڳالھ جو.

(شاھواڻي، غلام محمد. شاھ جو رسالو: سرسريراڳ ، داستان1،بيت8. 2005ع،ص 154)

انسان ڪوڙ سان هر شئي وڪڻي ٿوري نفعي لاءِ الله پاڪ سان ڪيل واعدي خلافي ڪري ٿو. پنهنجي اعمال نامي کي گناهن سان ڀري ٿو. ان جي انجام جي خبر اٿس ته اڳتي الله پاڪ اها ڪوتاهي ڪيس معاف نه ڪندو. الله پاڪ ڪوڙي تي لعنت ڪئي آهي يعني بيزاري جو اظهار ڪيو آهي.

## تڪبر ۽ وڏائي:

شاهه لطيف جڏهن انسانن جي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين تي نظر وڌي ته ڪيس اعلیٰ طبقي ۽ اقتدار ڌڻين توڙي ملن مشائخن ۾ به مذڪوره ڪوتاهي گهڻي نظر آئي. تڪبر ۽ وڏائي انساني اوگڻ ۽ اخلاقي ڪمزوري آهن. سر رامڪليءَ جي هن بيت ۾ ڏيکاءَ جي عبادت و رياضت ۽ خود نمائي بابت شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

ڪُڙيو تڪبر تڪيا، ڄيلا ڪيو هلن،
موڙها تان نه لهن، لِمي راهه لطيف چي.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جورسالو : سررامڪلي، داستان5،بيت15. 2005ع،ص 8_2)

جيڪي انسان پاڻ پائئين ۽ وڏائي ڪري پاڻ کي ٻين کان مٿانهون سمجهن ٿا. اهي ڪڏهن به سماج ۾ عزت ۽ اهميت جي لائق نه ٿا رهن. جيئن سر ڪاپائتي ۾ شاهه لطيف چئي ٿوته:

پيرين ۽ پائِين، ائين وِڏ وڏو ڪائنه
وينِي اور لاٺ سين، ڳِچيءَ پايو پائنه
ته تنهنجو ئِي وِڏوائنه! ڪِتو وِتوئي نه ٿئي.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جورسالو : سرڪاپائتي، داستان1،بيت14. 2005ع،ص 831)

هن بيت ۾ شاهه لطيف عام انسانن سان مخاطب ٿيندي نصيحت ڪري ٿو ته عبادت ڪرين ۽ پاڻ پائئين، وڏائي ڪرين، ٻين کي نيچ سمجهين، پاڻ کي سڀني کان مٿانهون سمجهين، ان ڪيل عبادت تي فخر ڪرين. اهو نه ٿو ڄاڻين ته الله پاڪ کي وڏائي هرگز پسند نه آهي. ڪتي اهو ڪاوڙجي نه پئي. اهو پورهيو ضايع نه ٿي وڃئي. ان ڪري ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڳچيءَ ۾ پاند پائي عاجزيءَ سان ذڪر ڪر. پوءِ تنهنجي ڪيل عبادت قبول پوندي.

**دغا ۽ دوکو:**

شاھ لطيف دوکيبازي ، ٻيائي ۽ دغا جھڙن قدرن کي پسند نہ ٿو ڪري. ان لاءِ دغا ۽ دوکو ڪندڙ ماڻھن کي سجاڳ ڪندي، سر سريراڳ جي داستان پھرئين ۾ شاھ لطيف چئي ٿو:

ڪَيِ تون دغا دل مان، صاحبُ وڻي سچ،

(شاھواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو : سرسريراڳ، داستان1،بيت 9. 2005ع،ص 155)

جيڪي ماڻھو ٻين جي لاءِ دل ۾ دغا رکن ٿا ۽ وري ظاھري پرھيزگاري ڏيکارين ٿا. انھن کي شاھ لطيف فرمائي ٿوتہ اي طالب دل کي ڌوئي ۽ دغا کان پاڪ صاف ڪر، صاحب (خدا تعاليٰ) کي سچائي پسندا آھي نہ کي ٻيائي. ھڪ ٻئي ھنڌ وائيءَ ۾ شاھ لطيف فرمائي ٿو تہ:

ڪَيِ تون ڏغا دل مان، ٻانھپ سان ٻانھا!

ڪوڙين پالَ ڪريم جا.

صاحبُ وڻي سچ سين، ٿِيُ داڻہَھ ديوانا!

(شاھواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو : سرسريراڳ ، داستان1،وائي1. 2005ع،ص 155)

سر آسا ۾ شاھ لطيف انھن ٻھ روپين ماڻھن جي نشاندھي ڪئي آھي. جيڪي ظاھري طرح وڏا متقي ۽ پرھيزگار نظر اچن ٿا. حقيقت ۾اھي وڏا دوکيباز آھن. دغا ۽ دوکو ھڪ سماجي برائي آھي ۽ انسانيَ اوگڻ ۾ شمار ٿئي ٿي. جنھن کي شاھ لطيف ڪنھن بہ صورت ۾ قبولڻ لاءِ تيار نہ آھي. جيئن ھيٺئين بيت ۾ شاھ لطيف چئي ٿو تہ:

مُنھن تہ موسيٰ جِھڙو ، عادت ۾ اِبليسُ،

اِھڙو خامُ خِبيثُ، ڪِيِ ڪوھُ نہ چڙِيين.

(شاھواڻي، غلام محمد . شاھ جورسالو: سرآسا، داستان4،بيت 16. 2005ع،ص 723)

جيڪي ماڻھو نھايت شريف نظر اچن ٿا پرانھن جون عادتون بلڪل شيطان جھڙيون آھن. اھڙو ماڻھو جيڪو منھن ۾ اجرو ۽ دل ۾ ڪارو، زبان جو منڙو آھي ۽ دل ۾ دغا رکي ٿو. پوءِ ان کي وصال ڪيئن حاصل ٿيندو؟ اھڙي قسم جو سالڪ سڪ ۾ ئي رھجي ويندو.

مُنھن تہ آھِيريانِ ئِي اُجرو، قلبَ ۾ ڪارو،

ٻِھران زيبُ زبانَ سين، دِلِ ۾ ھچارو،

اِنَ ٻو ويچارو، ويجھو ناھِ وِصالَ سين.

(شاھواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو: سرآسا ، داستان4،بيت 18. 2005ع،ص 724)

## قومي ريتون ۽ روايتون:

دنيا جون ترقي يافتا قومون پنهنجي ريتن ۽ روايتن تي ساه صدقو ڪنديون آهن. اهي روايتون ئي قومن جي تاريخ جي سڃاڻپ ڪرائينديون آهن. سنڌ پنهنجي قديم تهذيب ۽روايتن جي امين آهي. شاه لطيف سنڌ جي روايتن کي ورجائڻ لاءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ مارئيءَ جي ڪردار ذريعي، سنڌ جي ريتن ۽ روايتن کي اجاگر ڪيو آهي. مارئي پنهنجي مارن جي ريت کي نڀي مٿي، جنهن لاءِ شاه لطيف ان کي اهڃاڻ بڻائي، انهن ماڻهن سان مخاطب آهي جيڪي ڌارين جي ڳالهين ۾ اچي پنهنجي ضمير جو سودو ڪن ٿا. شاه لطيف قديم روايتن کي زنده رکڻ لاءِ مارئيءَ جهڙي امر ڪردار کي تخليق ڪيو. جيڪو سنڌي روايتن جو پاسبان بڻجي پيو. جنهن سان وطن جي محبت ۽ مارن لاءِ تڙپ، ڏنئرن ۽ ليارن سان گڏ عزت ،غيرت ۽ لوئي جي لڄ رکڻ جهڙيون روايتون ملن ٿيون. شاه لطيف مارئيءَ جي زباني چئي ٿو:

اِيءَ نَہ مارُنِ رِيتِ، جيئن سيڻ مَٽائِن سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪندِيس ڪانَ ڪُريت،
پکن جي پِرِيتِ، ماڙيءَ سين نَہ مٽِيان.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاه جورسالو: سرمارئي، داستان3،بيت11. 2005ع،ص 567)

ڊاڪٽرعبدالجبارجوڻيجولکي ٿو تہ:

”شاه لطيف ملڪ جي نازڪ ۽ ضعيف حالتن ۾ مارئيءَ جهڙي امر ڪردار جي تصور ذريعي انسان جي انهن ڪوتاهين جو ذڪرڪيو آهي. جيڪي پنهنجي وطن جي تهذيب ۽ ترقيءَ تي پنهنجي ذاتي مفاد کي ترجيح ڏئي، وقت جي حاڪمن سان وفاداري ڪن ٿا.اهڙن ملڪ جي غدارن کي مارئيءَ جهڙي معصوم ڳوٺاڻي عورت جي ذريعي اهڙو تہ پر عزم، حوصلي ۽ پختي ارادي وارو لافاني تصور ۽ اهڃاڻ ڏنو.جيڪا وقت جي حاڪم عمر سومري جي هر آڇ کي ٺڏي ڇڏي ٿي.مارن جا سڳڙا سون برابرسمجهي ٿي. عمرجي سون کي سوءِ ٿي سمجهي.پنهنجو ڪٿو اوڍيندڙ محبوب هر وقت ياد ايندو اٿس، عمر جي محل کي ملير جي جهوپڙن جي برابر بہ نہ ٿي ڄاڻي“ (5).

سونَ برابر سڳڙا، مارُوءَ سندا مون،
پَٽولا پَهنوارِ ڪي، عمرَ! آڇ م ڪُون،
ورَ لوئِيءَ جي لُون، ڏاڏاڻِن ڏِنيامِ جا.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاه جورسالو: سرمارئي ، داستان3،بيت3. 2005ع،ص 566)

**رواداري ۽ سهپ جي ڪمي:**

شاهه لطيف ان ڳالهه کان بخوبي واقف هيو تہ سماج ۾ ماڻهن مان سهپ جو مادو گهٽجي ويو آهي. اها هڪ قوم جي وڏي ڪوتاهي ۽ ڪمزوري آهي. شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ان جذبي کي اجاگر ڪري جيئاري ڇڏيو آهي.

> "شاهه لطيف جي دور ۾ هر طرف افراتفري وارو ماحول هو. سنڌ تي مسلسل ڌارين جي حملن جي ڪري ۽ صدين جي غلاميءَ سبب ماڻهن مان سهپ ۽ رواداريءَ جو مادو ختم ٿي چڪو هو. هر ماڻهو پاڻ کي اڪيلو ۽ غير محفوظ سمجهڻ لڳو. تڏهن ماڻهن ۾انهيءَ اڪيلائپ واري احساس کي ختم ڪرڻ، ماڻهن جو هڪٻئي ۾اعتماد بحال ڪرڻ، محبت، خلوص ۽ مروت جي جذبن کي فروغ ڏيڻ لازمي هو.تہ جيئن اهڙا قدر واضع ٿين جو ماڻهو هڪ ٻئي سان گڏجي ويهن ۽ اڪيلائيءَ جو احساس ختم ٿئي. ڪوبہ ماڻهو پاڻ کي اڪيلو نہ پائئين. اجتماعيت جو شعور پيدا ٿئي" (6).

انهيءَ اڪيلائيءَ واري ڪيفيت کي ٽوڙڻ لاءِ شاهه لطيف چيو آهي تہ:

سِڪين ڪوهہ سلام کي، ڪرين ڪوهہ نہ سلامُ؟
ٻيا هو ٿن حرامُ، اِيءُ هو جنِين ديکيو.

(شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جورسالو : سرڪلياڻ، داستان3،بيت9. 2005ع،ص 79)

شاهه لطيف انسان کي سجاڳي ڏيندي سمجهائي ٿو تہ تون پرينءَ (ٻين) جي سلام لاءِ ڇو ٿو سڪين؟ تون پاڻ ڇونہ ٿو وڃي وٽس سلام پرين؟ جن اهو در ڏٺو آهي تن تي ٻيا سڀ درحرام آهن.

شاهه لطيف عام ماڻهن کي سمجهائي ٿو تہ چوندڙن کي ڪجهہ نہ چئو ۽ چوندڙن جو چيو وساري ڇڏ. رات ڏينهن نياز ۽ نوڙت سان اها روش اختيار ڪر. هميشہ ڪنڌ هيٺ ڪري رک ۽ زندگي غريبي ۽ مسڪينيءَ سان گذار. اندر ۾ فتوئ ڏيندڙ ضمير کي سجاڳ رک تہ پوءِ قاضيءَ جو ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندين:

ڪِلَ چوندن م چئو، چوندِن چيو وِسارِ،
لِئِي پهر ادب سين، ٻر اِهائي پارِ،

پايو مُنهن مونءَ ن ۾، غُربت ساڻ ڳُڻار،
مُفتِي منجھ وِهار، تہ قاضيَ كانيارو نہ ٿِيين.
(شاهواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو : سريمن ڪلياڻ، داستان8،بيت 23. 2005ع،ص 127)

ان ڪان وڌيڪ شاھ لطيف سهپ جي ساجاھ ڏيندي اهو فرمائي ٿو تہ جن جي ويجهو ويهڻ سان مورڳو پيڙا وڌي وجي ۽ تڪليف ۾ اضافو ٿئي. اهڙن ماڻهن جي ڪچهريءَ کان پاسوڪر، ان مان ڪيترو ئي پل فائدو چو نہ حاصل ٿئي. ان جي وضاحت لاءِ ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو تہ:

"اها محفل، اها ڪچهري ۽ اهي ماڻهو، جتي دل آزاري ٿئي، جتي ڪنهن جا درد وسرڻ بدران وڌيو وجن، شاھ لطيف اهڙين محفلن کان پري پڄڻ جو مشورو ٿو ڏئي"(7).

جيئن هن بيت ۾ پاڻ فرمائي ٿوتہ :

وينئي جِنِين وٽِ، ڏُکندو ڏاڍو ٿِئي،
سا مجلس ئِي مٽِ، جي حاصُل هوءِ هزار جو.
(شاهواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو : سريمن ڪلياڻ ، داستان8،بيت 25. 2005ع،ص 128)

هڪ ٻئي بيت ۾ وري رواداري بابت ٻڌائيندي عام ماڻهن سان مخاطب آهي. جن سان گڏ ويهڻ سان ڏک ۽ پيڙا لهي وجي تن جي ويجهو پنهنجا پکا اڏي، انهن سان گڏ گذار. ان بابت وضاحت ڪندي، ڊاڪٽر تنويرعباسي لکي ٿو تہ:

"شاھ لطيف جي قدرن موجب، محفلون ۽ ڪچهريون روح کي راحت ڏيڻ جو سامان هئڻ گهرجن. اجتماعي زندگي، هڪ ٻئي جا غم دورڪرڻ خاطر آهي. همدردي ۽ درد ونڊڻ سان ڏک وسريو وجن"(8).

اهڙو فلسفو شاھ لطيف هن طرح سمجهائي ٿو:

وينئي جِنِين وٽِ، ڏُکندو ڦُور ٿِئي،
تون تِنِين سين ڪٽِ، اوڏا اَڏي پکڙا.
(شاهواڻي، غلام محمد. شاھ جورسالو : سريمن ڪلياڻ ، داستان8،بيت 26. 2005ع،ص 128)

هينئين بيت ۾لطيف سهپ ۽ رواداريءَ ۽ برداشت بابت ڪيڏو نہ سهڻي انداز سان سمجهائيندي، عام انسان کي سجاڳ ڪري ٿو تہ:

ڪِڏهن ٻِئجي ڪَرَ تي ، ڪڏهن ڏِيجي واٽ،
ڪِڏهن ڏِيجي ٻڪرو، ڪِڏهن ڏِيجي ڪاٽ.
(شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جورسالو : سرسسئي آبري، داستان10،بيت5. 2005 ع،ص 330)

"شاهه لطيف فرمائي ٿو تہ ڪڏهن خاموش ٿي، رڳو ڪنن سان ٻڌڻ گهرجي، بس ڪن ٿي وججي، زبان نہ کولجي، رڳو ٻڌجي. جڏهن حالتون سازگار ٿين تہ وات ٿي ڳالهائجي. جي وقت اچي تہ ڪات ٿي دشمن کي ڪاٽي ڇڏجي ۽ جي حالتون ڏکيون هجن تہ ٻڪري وانگر وطن تان قربان ٿي ڪسجي وججي. اهڙيءَ طرح شاهه لطيف خاموشي ۽ قربانيءَ جي تلقين ڪندي، وقت بوقت وات ۽ ڪات ٿيڻ جي اهميت کي ظاهرڪري ٿو"(9).

شاهه لطيف سنڌي قوم ۾ رواداري ۽ سهپ جهڙي خاصيت ۽ خوبي ڏٺي هئي. سماج ۾ مذهبي ڪٽرپڻي ۽ تعصب جي گهٽ هئڻ جي باوجود، سنڌي قوم جا ماڻهو پاڻ کي بهترين سنڌيءَ جو نمونو بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪن پيا. اهڙي فلاسافي شاهه لطيف هن بيت ۾ هيئن بيان ڪري ٿو، جنهن لاءِ فرمائي ٿو تہ:

پُريان سنڌي پار جي، مِڙئي مِٺائي
ڪانهي ڪڙائي ، چکين جي چيت ڪري.
(شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جورسالو : سرڪلياڻ، داستان3،بيت11. 2005 ع،ص 80)

شاهه لطيف پنهنجي ذاتي مشاهدي جي بنياد تي سماج مان انهن ڪوتاهين کي ڪڍڻ ٿي چاهيو. جنهن ۾ ماڻهن مان سستي ۽ ڪاهلي، غفلت، ڪوڙ ۽ لالچ، هرشئي ۾ ملاوت، اهي ماڻهن جون ڪوتاهيون، سماج کي ترقيءَ جي بجاءِ تنزل ڏانهن وٺي وڃن ٿيون. اهو ئي سبب هو جو:

"شاهه لطيف کي مختلف نظرين ۽ خيالن کي تصادم ۾اچڻ کان روڪڻ لاءِ، سهپ ۽ رواداريءَ (جهڙي) فضا کي (سماج ۾) اپارٽو ۽ سدا موجود رکڻو هو. (جنهن سان) سنڌي سماج ۾نئين انسان جي تعمير ٿيڻي هئي. اوچي پد واري انسان جي، جنهن جا آدرش اوچا هجن. ويچار اوچا هجن ۽ عمل بہ اهڙا اوچا هجن، جيڪو محبت، مروت، رواداريءَ، صبر، حوصلي، همٿ، ايثار ۽ اورچائيءَ جو مالڪ هجي. جيڪو ۽ لڪاري، امن پسند، خير ڪندڙ ۽ خير گهرندڙ هجي. جيڪو

محب وطن هجي، فرض شناس هجي ۽ پنهنجي آزاد ڪشاده دل ۽ باعزت سماج ۾ آزاد، پرخلوص ۽ باعزت زندگي گذارڻ جي لائق هجي. شاهه لطيف پنهنجي وطن واسين ۾ اهڙو هڪ سماج ناهڻ گهريو ٿي، ۽ ان ۾ اهڙي هڪ اعليٰ انسان جي تربيت ڪرڻ گهري ٿي. شاهه لطيف جي رسالي جو هِڪ هِڪ سُر، هِڪ هِڪ سِٽ، هڪ هڪ بيت، سڄو سندس رسالو اول کان آخر تائين ان مقصدِ اعليٰ تي دليل محڪم ۽ ثبوت قاطع جو درجو رکي ٿو"(10).

## نتيجا:

1. شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ وڏو سماج سڌارڪ هئو.
2. هن پنهنجي شاعري ذريعي سماج ۾موجود سڀني براين کي نِنديو ۽ نروار ڪيو.
3. سماج جي براين کي ختم ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي شاعري ذريعي رهنما اصول متعارف ڪرايا.
4. جنهن بہ قوم جي اندر سماجي برايون هونديون اها قوم جلد ئي تباهه ۽ برباد ٿي ويندي آهي.
5. سماجي براين کي نہ ڇڏڻ سان ۽ لازمي اپاءُ نہ وٺڻ سان آزادي ۽ خود مختياري خطري ۾ پئجي وڃي ٿي.
6. سماجي براين جي ڪري ماڻهن ۾ محبت ختم ٿي وڃي ٿي ۽ ان جي ڪري بيچيني ۽ بيقراري واري صورتحال پيدا ٿئي ٿي.
7. سماجي براين ۽ اوڻاين جي ڪري امن و امان ، آرام ۽ سڪون ۾ شدت سان خلل پئجي وڃي ٿو ۽ سماج جو هر فرد پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري ٿو.
8. سماجي اوڻاين جي ڪري ادب و احترام جا جذبا ختم ٿي وڃن ٿا. وڏنن ڏائي ۽ عزت جو خيال نٿو رکيو وڃي.
9. اهي قومون ترقي ڪنديون آهن ۽ خوشحال هونديون آهن جنهن وٽ اخلاقي اقدار عمل ۾ هوندا آهن.

## حوالا:


1. بلوچ،عبدالستار. سنڌيڪا لغت . ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي. 2006ع،ص 29.
2. ڪانڌڙو: انور ساگر. (مقالو)سر ديسيءَ ۾ شاهه جي دؤر جون سماجي، سياسي ۽ تاريخي حالتون. ديسي سيڻ ڪجن مرتب تاج جويو. ڪراچي: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز. 2005ع، ص247.

3. عباسي تنوير، ڊاڪٽر. شاهه لطيف جي شاعري. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 2000ع،ص -251.
4. ابڙو آفتاب. شاهه عبداللطيف قومي وحدت ۽ فڪري جدت جو علمبردار، شاهه لطيف عظيم مفڪر. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي .2005ع، ص 250.
5. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ. حيدرآباد: سرهه ڪتاب. 1973ع، ص 52-53.
6. عباسي تنوير، ڊاڪٽر. شاهه لطيف جي شاعري. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 2000ع، ص 86.
7. ساڳيو، ص 87.
8. ساڳيو، ص 87.
9. ساڳيو، ص 86.
10. جويو، محمد ابراهيم. شاهه لطيف سنڌي قوم جو رهبر اعظم. شاهه لطيف عظيم مفڪر . ابڙو آفتاب (سهيڙيندڙ) سنڌيڪا اڪيڊمي. ٻيو ڇاپو 2005ع، ص 114-115.